**كلاس ٻارهون**

**سنڌي لازمي**

**حصو ٻيو**

## سوال 02.سوالن جا جواب لکو.

1.ابن خلد ون“ قوميت ۽ قومي جي ڪهڙي اهميت بيان ڪئي؟ وضاحت ڪيو؟

2. الله تعاليٰ ڪهڙي قومن کي حڪومت عطا ڪري ٿو؟

3. رواجي شاعرن جي شاعري ۾ ڪهڙيون خاميون ٿين ٿيون؟

4.سنڌ جي جهوني تهذيب بابت ٻڌايوته هتان جا ماڻهون پهنجي زندگي ڪئين گذاريندا هئا؟

5. علامه آءِ آءِ قاضي زندگيءَ جو بنياد ڇا کي سڏيو آهي؟

6. تهذيب جو مقصد ۽ اهميت بيان ڪريو؟

7.عالمي شاعريءَ جي ٽئين معيار بابت اوهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

8.مصطفيٰ “محنت” جي باري ۾ ڪهڙي نصيحت ڪئي آهي؟

9.ناول ۽ افساني ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

10. عام شاعريءَ جي خوني بيان ڪيو؟

11. تمدن ڇا آهي؟ کولي سمجهايو.

12.سوانح نگاري جي اهميت بيان ڪريو؟

13. ٽالپرن جي دور ۾ ڪهڙا واڏا شاعر پيدا ٿيا؟

14. ڪوهستاني ڪچهري جي ادبي حيثيت بيان ڪريو؟

15. سنڌي شاعري جي شروعات ڪڏهن ٿي؟

16. “جهان آرا” ناول جون خوبيون بيان ڪريو؟

17. سڌريل ۽ اڻ سڌريل ٻولي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

18. تهذيب ۽ تمدن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

19. “ناول” جا عنصر ڪهڙا آهن؟

20. ڳجهارتون “ ڪوهستاني ڪچهري” ۾ ڪهڙي اهميت رکن ٿيون؟

21. پاڪستان جي ڪن پنجن شاعرن جا نالا لکو؟

22. تاريخي ناول ۾ ڇا هجڻ ضروري آهي؟

23. مصطفيٰ دوستي لاءِ ڇا فرمايو آهي؟

24. علامه آءِ آءِ قاضي مطابق ڪتاب زندگيءَ جو جو دارو مدار ڇا تي آهي؟

25. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪنهن به قوم جي ڪاميابي جا ڪهڙا اصول ٻڌايا آهن؟

## سوال3. هيٺين جا اشتقاق لکو:

01. ٻاجهارو02. تندرست 03. عيالدار 04. لاثاني 05. گلستان 06. مهمان

07. بدظن 08. شمس العلماءُ 09. رومال 10. ڪوهستان 11. خيرخواهه

12. سياڻو 13. سگهڙ 14. زبردست 15. رومال

## سوال4. هيٺين اصلاحن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو:

01. منهن ڏيڻ 02. نڪ وڃڻ 03. سٽ سٽڻ 04. اکيون پٽڻ 05. اپ قاڙڻ 06. دل هٽڻ

07. پير پرڻ 08. کير کنڊ ٿيڻ 09. مٿو پٽ سان لڳڻ 10. اک چنب ۾11.هٿ وندائڻ

12. ڪن کڙاڪرڻ 13. دال نه ڳرڻ 14. هٿ جوڙڻ15. دل ۾ اچڻ

**سوال5.هيٺين جون وصفون مثالن سان لکو؟**

01. استعارو 02. مرثيو 03. مصرع 04. غزل 05. تشبيهه
06. ڪافي 07. قافيو 08. وائي 09. هنر 10. رباعي

**سوال 6. هيٺين جون وصفون لکي ۽ مثال ڏئي سمجهايو:**

01. حرف جر 02. فعل لازمي 03. حيف جملو 04. ضمير استفهام 05. اسم عام 06. اسم ذات 07. اسم خاص 08. ضمير مبهم 09. حرف ندا 10. صفت مبالغو

**سوال 7. ڪردار تي نوٽ لکو.**

01.جهان آرا 02. عابد 03. لطيف مالهي 04. جهان خان 05. حامد

# حصو (ٽيون)

سوال8.هيٺ ڏنل عنوانن تي مضمون لکو.

01. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام.
02. ڏکن سکن جي سونهن.
03. جهموريت بهترين انتقام آهي.
04. عملي تباهي جا ڪارڻ.
05. اسلام هڪ عالمگير مذهب آهي.
06. تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه.
07. عورت جي تعليم
08. وطن جي حب

**يا**

01. سمن جي دور ۾ جيڪا سنڌي ادب ترقي ڪئي ان لاءِدليل ڏيئي سمجهايو.
02. شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي، عالمي معيارن جي روشني ۾ ثابت ڪيو.
03. ڪلهوڙن جي دور کي سنڌي ادب جو سونهري دور چو ٿو سڏيو وڃي ٿو ان جي وضاحت ڪريو.
04. انگريزن جو دور سنڌيءَ ٻولي لاءِ ڪيترو فائديمند ثابت ٿيو، تفصيل سان لکيو

سوال9.هيٺ ڏنل بيتن جي حوالو ڏئي سمجهاڻي لکو.

01. صوفين صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو
تڏهن تن ٿيو، جيتري پسڻ پرينءَ جو
02. اُتي ويا اوٺار، ڪٽي ساٿ سويل جو
هاڻي اديون آئيا، ڏورڻ مون ڏونگار
ٻيا پيي هوت هزار، منهنجو پيچ پنهونءَ سان
03. چندا! چُئين حق، جي وڙهين جي وچرين،
ٻه اکيون ٽيون نڪ، تو ۾ ناهه پرينءَ جو
04. الغرض تنهنجو ارادو جيڪي چاهي سو ٿئي،
تنهنجا الفاظ چون جيڪي سو اڪثر ٿي پوي.

05. هڪ ڏکي، ٻيو ڏوکري، ٽيون ٽُس ڏينهن،
محبت سندو مينهُن، ويچاريءَ وسايو!
06. ٿي پڪي عادت وڏي، جا پئي نندي،
ٿيا پڪي پختا، ڪچيءَ پيا جنهن کي ڪُپ.

يا

01. شاهه عبدالڪريم رحه
02. سچل سرمست رحه
03. خواجه محمد زمان
04. حمل فقير
05. مير عبدالحسين خان"سانگي"
06. فقير قادر بخش"بيدل"
07. شاهه عبدا للطيف ڀٽائي رح
08. خليفو گل محمد گل
09. مرزا قليچ بيگ
10. "سرويچ" سجاولي

سوال 10. جهان آرا ناول تي تنقيدي نوٽ لکو.
هيٺين شخصيتن جي زندگيءَ تي نوٽ لکو.

01. علامه آءِ آءِ قاضي
02. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
03. ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽو
04. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
05. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گُربخشاڻي
06. اله بچايو سمون
07. عثمان علي انصاري
08. ڪريم بخش چنا
09. رشيد ڀٽي